پارن لاء بائبل
تحفو



# كليسياءَ جي پيدائش

لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Janie Forest
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Ruth Klassen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ڇاھيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توھان کي ھن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آھي،
جيئن جيسيتائين توں ان کي وڪرو نٿا ڪريو.



جڏهن يسوع مصلوب ٿي مري ويو، ته هن جي
پوئلڳن ڏهپ ۾ پاڻ کي لڪائي ڇڏيو. يسوع جي مئلن
مان جيئرو ٿيڻ کان پوء، هن پاڻ کي پنهنجي شاگردن
کي ظاهر ڪيو. يسوع زنده هو! پر - يسوع انهن کي
ڇڏي وڃڻ جو ارادو ڪيو، واپس وڃڻ لاء جتي هو
هميشه سندس پيء ،خُدا سان گڏ رهندو هو.



هن جي
وچڻ کان
اڳ، يسوع پنهنجي
پوئلڳن سان واعدو ڪيو هو
ته هوُانهن جي مدد ۽ تسلي لاءَ خُدا جو
روح موڪليندو. (يوحنا ١٥:٢٦). وقت ويجهو هو! يسوع جي
وڃڻ کان ڪجھ ڏينهن پوءِ، خُدا پاڪ روح آيو.

اهو هن طرح ٿيو. يسوع جا اٽڪل 120 پوئلڳ هڪ گهر ۾ گڏ ٿي دعا ڪري رهيا هئا. اوچتو، گهر هڪ تيز زور واري واه جي آواز سان گونجندو آهي.



باهه جا شعلا هر ماڻهوءَ تي اچي بيهڻ ٿا. اهي سڀئي پاڪ روح سان پرجي ويا هئا - جيئن ته يسوع واعدو ڪيو هو!



گھڻين ۾، يسوع جا پوئلڳ اهي ٻوليون جيڪي انهن ڪڏهن به نه سکيون هيون ڳالهائيندا هئا. يروشلم جو دورو ڪندڙ غير ملڪين، شاگردن کي ڪيترن ئي ٻولين ۾ خُدا جي عجيب ڪمن بابت ڳالهائيندو ٻڌو هو. سياح حيران ٿي ويا. "ان جو مطلب ڇا ٿي سگهي ٿو؟" هنن پڇيو. "اهي نئين شراب سان ڀريل آهن،" ٻين ٺٺوليون ڪيون.



پر پطرس چيو، "هي نشي ۾ نه آهن ... اهو اهو آهي جيڪو نبي يوئيل جي طرفان ڳالهايو ويو آهي ..." پطرس وري انهن کي ياد ڏياريو ته ڪيترائي سال اڳ، خُدا واعدو ڪيو هو ته پاڪ روح ماڻهن کي برڪت ڏيڻ ۽ مدد ڪرڻ لاءِ ايندو.



پطرس ماڻهن کي ٻڌايو ته انهن کي پنهنجن گناهن کان توبهان ڪرڻ گهرجي ۽ يسوع مسيح جي نالي تي بپتسمو وٺڻ گهرجي. "... ۽ توهان کي روح القدس جو تحفو ملندو،" پطرس چيو. اٽڪل 3000 ماڻهن فرمانبرداري ڪئي. اهي يسوع جي پوچا ڪندڙ شاگردن سان شامل ٿيا. جيئن وقت گذريندو ويو، وڌيڪ ۽ وڌيڪ ماڻهوڪليسياءَ ۾ شامل ٿيندا ويا خُدا جهين کي روح القدس جي نزول تي شروع ڪيو هو.



پاڪ روح پنهنجي طاقت ڪي خُدا
جي ماڻهن جي زندگين ۾ آڻندوآهي.
هڪڙي ڏينهن، پطرس ۽ يوحنا
گڏجي نماز جي وقت هيڪل ڏانهن
ويا. هيڪل جي دروازي جي ٻاهران
هڪ لٺ فقير ويٺو هو. هن پطرس
۽ يوحنا کان پئسا گُهريا.





تڏهن پطرس چيو تہ "مون وٽ
چانديءَ سون نہ آهي، پر
جيڪي ڪجھہ مون وٽ آهي
سو آءٌ تو کي ڏيان ٿو: يسوع
مسيح  ناصري جي نالي تي،
اٿيو ۽ گهم." ۽ کيس ساڄي هٿ
کان وٺي مٿي کنيو. هو، ٽپو
ڏيئي، اٿي بيٺو ۽ هلڻ لڳو ۽ -
گهمندو، ٽپو ڏيئندو، خُدا جي
واکاڻ ڪندو انهن سان گڏ
هيڪل ۾ داخل ٿيو.

هڪ وڏو ميڙ گڏ ٿي ويندو آهي، ۽ انهي معجزي کي ڏسي حيران ٿي ويندا آهن. پطرس کين ٻڌايو ته اها خُدا جي قدرت هئي، نه ته سندس پنهنجي، جنهن ان معذور کي شفا ڏني. جڏهن



پطرس انهن يهودين کي ياد ڏياريو ته خُدا يسوع کي مئلن مان جياريو، تڏهن هيڪل جي اڳواڻن ڪاوڙجي پطرس ۽ يوحنا کي پڪڙي جيل ۾ وڌو. بهرحال، اٽڪل 5000 مردن يسوع تي ايمان آندو.

ٻئي ڏينهن، پطرس ۽ يوحنا هيڪل جي حڪمرانن جي اڳيان بيٺا. "ڪهڙي طاقت يا ڪهڙي نالي سان اهو ڪم ڪيو اٿئيوءَ؟" حڪمرانن پڇيو. پاڪ روح سان پرجي، پطرس بهادريءَ سان جواب ڏنو. "... يسوع مسيح ناصري جي نالي سان، جنهن کي توهان صليب تي چاڙهيو، جنهن کي خُدا مئلن مان جيئرو ڪيو، هن جي ذريعي هي ماڻهو توهان جي



اڳيان تندرُست ٿي بيٺو آهي."



پطرس بي خوفيءَ سان ڳله جاري رکي ٿو،
"آسمان جي هيٺان انسانن ۾ پيو
ڪو به اهڙو نالو نه آهي،
جنهن جي وسيلي سان اسان
کي نجات ملي." نجات چاهي
ته ماڻهو يسوع  تي ايمان آڻين،
حڪمرانن پطرس ۽ يوحنا
کي سخت ڌمڪايو. "هاڻي
کان وٺي توهان کي
ڪنهن به ماڻهو سان
يسوع جي نالي تي
ڳالهائڻو نه آهي."



پطرس هڪ دفعو يسوع لاء بيهڻ کان دپ ڪيو هو. پر اهو روح القدس جي اچڻ کان اڳ هو. هاڻي ڪيس ڪو به خوفزده نٿو ڪري سگهي. پطرس ۽ يوحنا جواب ڏنو، "پنهنجو پاڻ ڪي فيصلو ڪريو." ته ڇا خُدا جي نظر ۾ اهو صحيح آهي ته توهان ڪي خُدا کان وڌيڪ ٻڌجي، ڇاڪاڻ ته ممڪن ناآهي ته جيڪي اسان ڏٺو ۽ ٻڌو آهي، انهن ڪي اسين نه ڳالهائيون.

وڏيڪ ڏمڪائڻ
کان پوء،
حڪمرانن پطرس ۽ يوحنا
کي آزاد ڪيو. خُدا جي
بهادر ٻانهن پنهنجن
ساٿين کي جيل ۽ عدالت
بابت سڀ ڪجهه ٻڌايو.
ان کان پوءِ وڏي دعا ۽
حمد جي گڏجاڻي ٿي.
پيهر، خُدا جي پاڪ روح
پنهنجي ماڻهن کي طاقت سان
پريو - ۽ ٻارڙي ڪليسياءَ
وڌندي ۽ وڌندي وي.



# كليسياءَ جي پيدائش

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

رسولن جا ڪم ۱ ـ ۴

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ڏيئي."
زبور 119: 130

ختم

55

60

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائئ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۦ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاء مري ويوۦ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.